# SINDH ACT NO.XXII OF 2014
# The Sindh Eye Surgery (Restriction) Act, 2014
# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 2014
# اک-جراحي (پابندي) سنڌ ايڪٽ، 2014

**(Contents) فهرست**


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short Title and Commencement)

2. وصفون.
Definitions

3. ڪن مخصوص ڪيسن ۾ اک- جراحي ڪرڻ لاءِ سزا .
Punishment for Performing Eye Surgery in Certain Cases.

4. غيرقانوني حڪمت ڪرڻ لاءِ سزا.
Punishment for unlawful Practice or holding out.

5. ڏوهه عدالت جي دائره اختيار ۾ هوندو.
Offence to be Cognizable.

6. ڏوهن جو مقدمو.
Trial of Offence.

7. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار.
Powers to make rules.



# SINDH ACT NO.XXII OF 2014
# The Sindh Eye Surgery (Restriction) Act, 2014

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXII مجريه 2014
# اک-جراحي (پابندي) سنڌ ايڪٽ، 2014

[22 ڊسمبر 2014]

ايڪٽ جنهن ذريعي منظور ڪيل ڊاڪٽر ( registered medical practioners) کانسواءِ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي اک جي جراحيءَ کان روڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته انهيءَ ڳالهه جي تقاضا آهي ته اک جي جراحي جا مجيل ڊاڪٽر (registered medical practioners) کانسواءِ ٻيو ڪو نه ڪري؛

ان لاءِ هن طرح ايڪٽ جوڙيو ٿو وڃي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1) هن ايڪٽ کي اک- جراحي (پابندي) سنڌ ايڪٽ، 2014 ( The Sindh Eye Surgery (Restriction) Act, 2014) چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

(3) اهو سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو ٿيندو.

وصفون.
Definitions

2. (1) جيڪڏهن هن ايڪٽ جي نفس مضمون ۾ مقصدن جي منحرف نه آهن ته مکيه وصفون هن ريت ٿينديون:

(الف) "ٺڪ انڌائپ" (complete blindness) جو مطلب آهي ٻن اکين ۾ مڪمل طور تي روشنيءَ جو تصور نه هجڻ."

(ب) "اک-جراحي" (eye- surgery) جو مطلب آهي ڪنهن اوزار ذريعي اک جو آپريشن ڪيو وڃي.

(ت) "ڪجهه انڌائپ" (partial blinding) جو مطلب آهي ڪنهن به هڪ اک ۾ روشنيءَ جو تصور نه هجي، يا ٻنهي اکين ۾ روشنيءَ جو گهربل تصور موجود نه هجي، جنهنڪري چڱيءَ ريت ڏسڻ ۾ ڏکيائي ٿئي.

(ث) "مجيل ڊاڪٽر" (registered medical practioners) جو مطلب آهي، اهو ماڻهو جيڪو پاڪستان جي قاعدي قانون جي روشنيءَ ۾ انهيءَ منصب لاءِ اجازت رکندڙ هجي ۽ ڊاڪٽري ڪرڻ وارن جي وچور ۾ داخل هجي.

ڪن مخصوص ڪيسن ۾ اک- جراحي ڪرڻ لاءِ سزا .
Punishment for Performing Eye Surgery in Certain

3. (1) ڪو به ماڻهو، جنهن جو ڊاڪٽري پيشو ڪندڙن ( registered medical practioners) طور اندراج ٿيل نه آهي، پر ٻئي جي اک جي جراحي ڪري ٿو، پوءِ ان ۾ مريض جي مرضي شامل هجي يا نه هجي،

Cases.

سو جيل موڪلڻ جي سزا جو حقدار آهي، جيڪا وڌيڪ هڪ سال قيد تائين وڌائي سگهبي ۽ پنج لک رپين جو ڏنڊ وجهي سگهبو.

(2) ذيلي دفعه (1) هيٺ قيد جو مدو هن ريت وڌائي سگهجي ٿو.

(i) جيڪڏهن جراحيءَ جي نتيجي ۾ ڪجهه نابينائي ٿي آهي ته ٽي سال قيد،

(ii) جيڪڏهن جراحيءَ جي نتيجي ۾ مڪمل نابينائي ٿي آهي ته ست سال قيد.

غيرقانوني حڪمت ڪرڻ لاءِ سزا.

Punishment for unlawful Practice or holding out.

4. اهو ماڻهو جيڪو ڊاڪٽري (medial practioner) ڪرڻ جي حيثيت ۾ اندراج (registered) ٿيل نه آهي، پر پوءِ به ڊاڪٽري ڪري ٿو، جيڪو اهڙيءَ ريت ڊاڪٽر هجڻ جو بانور ڪرائي ٿو، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح ڊاڪٽري ڪري ٿو يا ڊاڪٽري ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي ته هن جي طرفان ڪيل اک جي جراحي ڇهن مهينن جي قيد جي سزا جوڳي آهي ۽ هن تي پنجاهه هزار رپين جو ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو.

ڏوهه عدالت جي دائره اختيار ۾ هوندو.

Offence to be Cognizable.

5. اهو ڏوهه دفعه نمبر 3 يا 4 جي ذيلي دفعه (1) هيٺ عدالتي دائره اختيار ۾ اچي ٿو ۽ ان تي (ايڪٽ نمبر V) مجريه 1898) ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر 1898 (Act V of 1898 ) هيٺ ڪارروائي ٿيندي.

ڏوهن جو مقدمو.

Trial of Offence.

6. ٻئي نه مگر فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ جي ڪورٽ هن ايڪٽ هيٺ سزا جوڳي انهيءَ ڪيس کي هلائيندي.

قاعدن ناهڻ جو اختيار.

Powers to make rules.

7. هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**نوٽ:-** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.